Date

سوال نمبر ٢: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ تصور انسان، محبت، مزاحمت ۽ ڪائناتي هم آهنگي" جو تنقيدي جائزو لکو.

## تعارف:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو هڪ عظيم شاعر آهي. شاهه لطيف زندگي جي تمام پهلوئن تي شاعري جي ذريعي بيان ڪيو. سندس شاعري ۾ انسان جي زندگي سان گڏ دنيا جي تمام مسئلن لاءِ پڻ اظهار ڪيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ تصور انسان، محبت، مزاحمت ۽ ڪائناتي هم آهنگي به شامل آهي. انهن جي شعرن ۾ انهن پهلوئن تي قلم کنيل آهي. هن وسيع موضوع نگاري جي ڪري شاهه عبداللطيف کي هڪ عظيم شاعر هجڻ جو سهرو وڃي ٿو.

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي:

سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ادب جو بنياد وجهندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي. سنڌي ادب ۽ سنڌي ثقافت جو ذڪر ڀٽائي کان سواءِ مڪمل نه آهي. انهي سنڌي شاعري ۾ هڪ نمايان ڪردار رکن ٿا. شاهه

Scanned with CamScanner

عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري هڪ مڪمل
زندگي ۽ دنيا جي عڪاسي آهي. اِن
۾ شاهه سائين هميشه ڌنل پهلوئن
تي پنهنجي فڪري ۽ فني خوبين جو
اظهار ڪيو.

## تصورِ انسان :-

شاهه عبداللطيف ڀٽائي انسان کي ڪٿي
مثال ڏئي بيان ڪيو آهي. ڪڏهن شعرن
۾ انسان جي مجاز ۽ ڪڏهن شعرن ۾
سنڌس پيشو پڻ بيان ڪيو آهي. جيئن
هڪ ريت ڀٽائي انسان جي آنا ۽ اڪڙ
۾ هن جي انجام جو ذڪر ڪندي
مورک پکي جي مثال ڏني آهي ته،

> پاڻي مٿي جهوپڙا، مورک انج مرن،
> ساهان اوڏو سپرن، لوچيا تان نه لهن.

هن شعر ۾ شاهه لطيف انسان جي هڪ
زدي ۽ اڪڙ ۾ اظهار ڪيو آهي. هن سان
گڏ راهو پڻ بيان فرمايو آهي ته مورک
جي ريت انسان به اڪڙ ۾ پنهن کي
تڪليف پهچائي ٿو. هن هي ريت
سان لطيف انسان جي پيشي جو تصور
بيان ڪيو آهي. جنهن ميان هڪ
لوهار جو پيشو آهي. شاهه لطيف
فرمايو آهي ته-

ڪڙو منجهه ڪڙي ڪٿن لوهار ليپئو،
منهنجو جي جڙي سپرين سو گهڙي.

## محبت جو پيغام شاهه جي شاعري ۾.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هميشه محبت ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي. تنهن ڪري شاهه عبداللطيف کي امن ۽ محبت جو شاعر سڏيو ويندو آهي. هن ريت سندس ڪري بيت ۽ شعر ملن ٿا. هن ۾ سندس محبت پڻ هڪ اهم پهلو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ لاءِ ۽ سنڌ جي بهتري لاءِ مقام گهڻي ڪوششون ڪيون. هڪ شعر ۾ سندس محبت ۾ فرمايو.

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

## شاهه عبداللطيف جي شاعري ۾ برو ٻهن.

جيئن ته ذڪر ڪيو ويو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي مقام پهلوئن تي شاعري ڪئي آهي. هن هي ريت ڀٽائي پنهنجي شاعري ذريعي برو ٻهر جو پيغام پڻ ڏنو آهي. انهن مان ڪي شعر هيٺ ڏنل آهن.

سنائي ڄاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نه ملي.

هن ئي ريت هڪ ٻي شعر ۾ بيان ڪيو آهي.

اي نه مارن ريت جيئن سين مٽائن سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانه ڪريت،
پکين جي پريت. مارن مون نه مٽيان.

## ڪائناتي هم آهنگي:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ زبان رنگ، ذات ۽ برادري کان ٻاهر انساني ايڪي جو پيغام موجود آهي. هن کي ڪائناتي هم آهنگي پڻ چئي سگهجي ٿو. هن ريت شاهه ڀٽائي مقام اختلافات وساري ۽ ميل جول جو پيغام ڏيندي شعر فرمايو آهي ته.

سورهيه مرين سوڀ کي دل ۾ وهم وسار،
هڻ ٻالا ورهه ٻانهري آڏي ڍال مان ڍال،
مٿان سيل سڙار. مار ته متارو ٿئين.

## تنقيدي جائزو:

انساني زندگي جي وسيع پهلوئن تي قلم نگاري ڪرڻ ۽ خوبصورتي سان بيان ڪرڻ صرف شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو فن آهي. تصور انسان کان ڪائنات جي هم آهنگي تائين غور ۽ فڪر ڪري خوبصورتي سان شاعري جي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. انهن ئي خوبين جي ڪري

Date

شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي هڪ عظيم شاعر
چيو ۽ سمجهيو ويندو آهي.

سوال نمبر ٣: سچل سرمست جي فڪر،
سنڌس وحدت الوجود واري فڪري روايت
۽ انساني آزادي جي پيغام تي مفصل
روشني وجهو.

## تعارف:

سچل سرمست - معنيٰ ۽ سچ جو
دروازو - سچل جو مطلب "دروازو" آهي.
سچل جي شاعري ۾ فڪر ۽ سچ کي
وڏاڃ ڏيڻ تي آهي - سچل جي شاعري،
انسان دوستي ۽ ڪائنات انساني زندگي
جي نمايان پهلوئن تي روشني وڌي آهي.
تنهن ڪري سچل سرمست جي شاعري
اڄ تائين پڙهي ۽ ٻڌي ويندي - هن ريت
سچل جي شاعري ۾ ڪيئي شعر آهي
جيڪي سچل جي فلسفي - يعني "وحدت
الوجود" تي ٻڌل آهن - هن سان گڏ
ڪيئي شعرن ۾ انساني آزادي جو
پيغام به موجود آهي.

## سچل سرمست:

سچل سرمست جا تخلص "سچل،
سچيندو، سچو ۽ خدائي" وغيره آهي.
سندس اصل نالو عبدالوهاب فاروقي
آهي - سندس جنم خيرپور ضلعي جي

ڳوٺ دراز ۾ ٿي. سچل سرمست سنڌ جي تاريخ ۾، ادب ۽ ٻوليءَ ۾ اهم رڪن آهي. سندس شاعري سنڌ جي ثقافت جي بنياد ۾ نمايان حيثيت رکي ٿي. انهيءَ سچل سرمست کي سنڌي ۽ سنڌ ۾ اهميت حاصل آهي.

## سچل ۽ وحدالوجود:

سچل جي شاعريءَ ۾ وحدالوجود جو پهلو نمايان آهي. جنهن جو پيغام آهي ته الله خدا جي موجودگي هن جي ٻڻايل تمام شين مان نمايان آهي. هي فلسفو صوفي شاعري جو هڪ اهم پهلو آهي. سچل جي شاعريءَ ۾ اهو پهلو پڻ موجود آهي. جيئن سچل فرمايو:

> **اهو** ڪم ڪري جي جنهن ۾ الله آپ ٻُڌجي،
> مسار نعرا انا الحق دا، سولي تي ٽنگجي،
> وچ ڪفر اسلام ۾ ڪو اهڙو عاشق ته اڙجي،
> سچائي مان عظم شاني، سچو سرسلبجي -

سچل جي هن صوفي فلسفي تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي سندس صوفي جو "ڪني ڇپيو" ڀٽائي فرمايو:

"اسان جيڪا ڪني چاڙهي آهي. هن جو ڍڪڻ هي ڇوڪرو (سچل) لاهيندو

اهڙي طرح سچل جو هڪ ٻيو شعر جيڪو وحدت الوجود جو پيغام ڏيئي ٿو.

نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار،
عشق حقيقي ۾ سڄ ذات شيءِ ڪا نه تيار

## انساني آزاديءَ جو پيغام:

سچل سرمست پنهنجي شاعريءَ ذريعي انساني آزاديءَ جو پيغام پهچايو. هن ۾ آزاديءَ مذهب يعني انسان ۽ انسانيت اول آهي ڪنهن نه مذهب ۽ روايتن کان پهريان. هن بابت سچل سرمست شعر بيان ڪيو آهي ته،

هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، اولهه سج نه اڀري

هن هي ريت، انساني آزاديءَ بابت، سچل سرمست بادشاهن کان آزادي جو پڻ ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. سچل فرمايو.

ستگر سڏ و سڻايو، سچا لوڪ سلطان،
تنهنجو مٿا مي شان، ٻولي بادشاهن ناهي ڪا.

هن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته سچل سر مست انسان جي زندگيءَ ۾ آزاديءَ ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي.

## تنقيدي جائزو:-

سچل سرمست سنڌ جو هڪ عظيم شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ روحاني ۽ بنيادي پهلو بني نمايان آهن. اعليٰ خيال جي منظر نگاري پڻ شاعريءَ جو حصو آهن. تنهن ڪري هي سچل سرمست سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻولي جو اهم حصو آهي جنهن جو ذڪر بغير ادب اڌورو آهي.

**سوال نمبر 5:- سنڌي ٻوليءَ جون بنيادون، لساني خصوصيتون، لهجن جي ورڇ ۽ جديد دور ۾ ٻوليءَ کي درپيش چيلينجن تي تفصيلي مضمون لکو.**

## تعارف:-

سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي. سنڌي ٻوليءَ جون بنيادون تمام پراڻيون جيڪا قديم آثارن ۽ روايتن مان ظاهر ٿين ٿيون. هن ٻوليءَ جون منفرد خوبيون آهن. تنهن ڪري سنڌي ٻولي ٻين ٻولين مان نمايان حيثيت رکي ٿي. سنڌي ۾ ڪيئي لهجا موجود آهن جيڪي هن ٻوليءَ کي وڌيڪ سهڻو انداز بيان ڏين ٿا.

هن سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي ڪيتي مسئلا پيش آهن - خاص طور هلندڙ دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي جديد ~~اصطلاح~~ طرزن ضروري پيڇيدگين جو سامنو آهي -

## سنڌي ٻولي جو بنياد :-

| | | |
|---|---|---|
| ضعيف حديث | ديا ياني مندر | موهن جو دڙو |

## ضعيف حديث :-

هي ضعيف حديث ضروري روايت ملي ٿي ته - حضور اڪرم ﷺ جڏهن شام مان سفر تي وڃڻ پيا ته ان وقت هڪ ماڻهون لاءِ پڇيو ته صحابه اڪرام فرمايو ته اهو "غير ڦھنڊ سنڌي" آهي - هن سان سنڌي ٻوليءَ سان سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جو ثبوت ملي ٿو -

## ٻوليءَ جي بنياد بابت راءِ :-

سنڌي ٻوليءَ جي بنياد تي نظريه -

- ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ
- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
- ڊاڪٽر غلام علي علانا

Date ________

## ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو نظريو

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ مطابق، سنڌي ٻوليءَ جو بنياد سنسڪرت مان آهي- انهن فرمايو ته سنڌي ٻولي سنسڪرت جي پوين دورن مان آهي-

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو نظريو

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ماهي مهراڻ جي مقالي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت فرمايو ته- "سنڌي سنسڪرت مان نڪتل نه آهي بلڪه سنڌو ماٿر جي سنسڪرت کان اڳ واري دور جي سامي صفت زبان آهي"

## ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو

ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو سنڌي ٻوليءَ بابت سڀ کان وڌيڪ مڃيل وارو نظريو آهي- الانا فرمايو:

"سنڌي ٻولي ٻولي غير آريائي ۽ دراوڙي ٻولي آهي".

## لساني خصوصيتون:

لساني خصوصيتون

- قديم ٻولي
- دفتري ٻولي
- اکرن جي گهڻائي

## قديم ٻولي:-

سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي. هن جي قدامت جو اندازو موهن جي دڙي مان مليل خوشخطي سان ظاهر ٿيئي ٿو. موهن جي دڙي جي خوشخطي سنڌي ٻولي جي خوشخطي جهڙي آهي. يعني ٣٥٠٠ سال اڳ ، اهي ماڻهو سنڌي ٻولي جا ڄاڻندڙ هوا.

## دفتري ٻولي:-

انگريزن جي دور ۾ سنڌي ٻولي کي دفتري ٻولي جي حيثيت حاصل هئي. هن سان سنڌي ٻولي جي لساني ~~خوبصورت~~ خوبي جو اندازو ٿيئي ٿو.

## اکرن جي ڳڻائي:-

سنڌي ٻولي ۾ ٥٢ اکر آهي - هي سنڌي ٻولي جي نمايان لساني ~~خوبي~~ خصوصيت آهي. هن کري سنڌي ٻولي ۾ ٻهڻا ۽ اُچار پيدا ٿين ٿا. اکرن جي ڳڻائي هجڻ جي کري سنڌي ٻولي لسانيت ۾ ٻين ٻولن کان مختلف آهي

## سنڌي ٻولي کي چيلينجز:-

Date




## دفتري/قومي ٻولي:-

ورهاڱي کان پهرين سنڌي ٻوليءَ کي
دفتري ٻولي جي حيثيت حاصل هئي.
ورهاڱي کان پوءِ هڪ صوبي هجڻ ڪري
سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو ناهي
ويو - سنڌي ٻولي قومي، دفتري ٻولي
نه هجڻ ڪري ڪيترن چيلينج آهي - سنڌي
ٻولي تعليم ۾ پڻ لازم قرار نه آهي -

## ميڊيا جو ڪردار:-

اڄ جي دور ۾ ڪنهن به ٻوليءَ جي
اڀار ۾ ميڊيا جو ڪردار تمام اهم
آهي - ميڊيا ۾ سنڌي ٻولي جو استعمال
تمام گهٽ آهي - ٽي وي چينل پڻ گهٽ
آهي ۽ موبائل ميڊيا ۾ سنڌي خوشخطي
صحيح نموني موجود نه آهي - انهن
ڪري سنڌي کي چيلنجن جو سامنو آهي -

## سنڌي ٻوليءَ جا لهجا:-

سنڌي ٻولي جا لهجا سنڌ جي

Date

# جگرافي ۾ ورهايل آهن -




**سريلو لهجو:** (سچل سرمست جو لهجو)
هن لهجي ۾ سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻو
وارو پاسو ايندو آهي - هي جمع ڪندي "ان"
لڳائيندا آهن -

**لاڙي لهجو:** (شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو لهجو)
هن لهجي ۾ ٺٽو، بدين جا علائقا اچن
ٿا - هي جمع ڪندي وقت "ون" لڳائيندا
آهن -

**وچولو لهجو:**
هي لهجو نوابشاهه، مٽياري ۾ ڳالهايو
ويندو آهي - هن ۾ جمع زبر ۽ زير لڳائي
ڪئي ويندي آهي -

**ٿري لهجو:**

Scanned with CamScanner

Date

هي لهجو وڏيڪ ٿرپارڪر جي علاقي ۾ ڳالهائي ويندي آهي - هن لهجي ۾ ماڻهو جي نالي اڳيان "يو" ضرور گڏيندا آهن -

Scanned with CamScanner